منش نگري

نامديو تاراچنداڻي

منش نگري

نامديو تاراچنداڻي

گذارش جيئڻ جا ڪجھ ڏاڪڻ/سرشتيءَ جي اُبتڙ/اڻاڻي لڪندي آهي.../ ۽ پوءِ / پيو سڀ ڪجھ...

سرورق اول گيان ليکڪن/مصنفن جي ڏالي ۾/احتڪارن جو پهاڙ/ گيان جي پورگتا ۾/ گيان جو بہ اڪتاب-واس/ پر/منش-نگريءَ ۾ گيان ڪانسواءِ/ گذر ڪٿي...

ويدانت ڪهڙو پوءِ / لوڪن کي ڪير پيئي / پارتہ ورش جي/پنجن نديءَن واري / ڏاڪڻي پنجاب ۾ / سنڌو نديءَ جي ڪناري ويٺل / اُتي ڏاڙهيءَ وارو / اهو گوري رنگ جو سڀڪو پنڊو لي برهما / هو...

گيتا هر انسان جي اندر ۾/ جاري آ ڪُرو ڪيتر کيو / ۽ / جاري آ لڙائي پنهنجن جي / پنهنجن سان...

مهاوير هر حالت ۾ هر شيءِ جو / ڪير ڪري تو تياڳ / مهاوير ڪانسواءِ / اهڙين وسترن ڏانهن / نہ ڏيهہ کي پنهنجو سمجهيو هن / نہ جڳت کي...

ٻڌ آئيءَ ڪان سڀ ٻڌي / جو نہ ولون/واٽ وڇين/ساز بہ سلامت /ٽَر بہ سلامت

چارواڪ اهو شڪ لي پٽ / جو نہ الڪار انسان جو / جن برهستيءَ کي/آوس جوندو/انڪل ڪو وردان/جيئت لوسان نفرت ڪندو / پر ڪلندو تنهنجي راهہ تي...

ڪبير پوجا پاٺ ملا ڇڏيا / ڪبير کي ڪڏهن ڪونہ وليا / منٿو ڪڙڻ جو / ڪٿي هو ڪبير آ...

سارتر ڪٿا نہ ڪٿي ڪٿا حسن/ڪنهن ايشور جي/ڪڏهن بہ اُڏل سارتري جي پرڏي لي/ڪڏهن اها عمر/ڪو افواهہ حڃي ها...

اوشو جونءِ بہ / ڪنڊ آڏ ڃوڙ وارن کي/عجب ڪرانڪ جو / ۽ احسبت قبوليا ۾ / صدين ڏنالڪ جو رواج / دنيا ۾ قائم رکيو آ اسان / اڃا تائين.

प्रोफेसर नामदेव ताराचंदाणीअ जा
ईन्दड़ किताब

इन्सानी जिज्ञासा जी लम्बी कविता
मन्श नगरी
(देवनागरी सिन्धी ऐं हिन्दीअ में)

सिंधी कविता साहित्य
(आलोचना संग्रह)

मुक्तु चिन्तन
(नईं सोच विचार जो मज़मून संग्रह)

कविता जे आसपास
(कविता संग्रह)

विरक्ति
(कहाणी संग्रह सिन्धी ऐं हिन्दीअ में)

پروفيسر نامديو تاراچنداڻيءَ
جا ايندڙ ڪتاب

اِنساني جڳياسا جي لنبي ڪوتا
منش نگري
(ديوناگري سنڌي ۽ هنديءَ ۾)

سنڌي ڪوتا ساهتيہ
(آلوچنا سنگرهہ)

مُڪت چنتن
(نئين سوچ ويچار جو مضمون سنگرهہ)

ڪوتا جي آس پاس
(ڪوتا سنگرهہ)

وِرڪتي
(ڪهاڻي سنگرهہ سنڌي ۽ هنديءَ ۾)

www.sindhsalamat.com

انساني جڳياسا جي لنبي- ڪويتا

منش -نگري

نامديو تاراچنداڻي

منش-نگري

اِنساني جڳياسا جي لنبي ڪويتا)

رچناڪار : نامديو تاراچنداڻي

حق - واسطا : رچناڪار وٽ محفوظ

پهريون دفعو : 2011

قيمت : 100 روپيہ

ڪاپيون : 500

اِشاعت : رچناڪار طرفان

اڊريس : پروفيسر نامديو تاراچنداڻي
50، نارائڻ گارڊن، يش ڪامپليڪس
سامهون، گوٽري روڊ، وڙودرا 390021.

فون نمبر : 0265 - 2370546 - 09925008942

ٽائيپ سيٽنگ : اِسڪين ڪمپيوٽرس
3، راڌيشيام ڪامپليڪس، پاٽيا، نروڙا روڊ،
احمدآباد. فون : 9327007002

MANSH-NAGARI

(A Long Poem of Human Quest)

By. : Namdev Tarachandani
Copy Rights with Author

Edition First : 2011
Copies : 500
Price : `. 100

Published by : Prof. Namdev Tarachandani
Author Address 50, Naryan Gardens, Off. Gotri Road,
Opp. Yash Complex, Vadodara - 390021.
Ph. : 0265-2370546 / 09925008942
E:mail : namdev@dotscoms.com
namdevtarachandani@gmail.com
WEBSITE : www.tarachandani.com/namdev
Printed by : Scan Computers
3, Radhey Shyam Complex,
Opp. S. T. Work Shop, Naroda Road,
Ahmedabad. Ph. 079-22836776 M. 9327007002

www.sindhsalamat.com

A LONG POEM OF HUMAN- QUEST

M A N S H- N A G R I

Namdev Tarachandani

(مُرڪزي ساهتيہ اَڪادميءَ جي اِسڪيم
’’رائيٽر-اِن ريزيڊنسي- جي سلسلي ۾ لکيل.
سهڪار : مهاراجا سياجي راءُ يونيورسٽي.
يونيورسٽي گيسٽ هائوس. بڙودا.)

www.sindhsalamat.com

[Written Under scheme Writer in Residency
By Central Sahitya Akademi, New Delhi
In Association with M.S. University
University Guest House, Vadodara.]

ڏيرج واري فرصت تائين
هيءُ ڪاويہ پُستڪ
نہ پڙهڻ جو عرض !

www.sindhsalamat.com

PRE-FACE
MANSH-NAGRI

SOURCES OF QUEST
VEDAANT
GEETA
MAHAVIR
BUDDHA
CHARVAK
KABIR
SARTRE
OSHO

LAST WORDS
THE HORIZON

سرورق-اول
منش- نگري

گيان -سوتر
ويدانت
گيتا
مهاوير
ٻڌ
چار واڪ
ڪبير
سارتر
اوشو

سرورق- آخر
اُفق

www.sindhsalamat.com

جڳياسا جاڳڻ تائين
سرشٽيءَ جي اُپٽار
اَجائي لڳندي آهي...
۽ پوءِ پيو سڀ ڪجهہ !

ويدانت	گيتا	مهاوير	ٻُڌ	چارواڪ	ڪبير	سارتر	اوشو

چنتن ڪاويہ : منش - نگريءَ جي آس-پاس

گُذارش :

جڳياسا جاڳڻ تائين
سرشٽيءَ جي اُپٽار
اَجائي لڳندي آهي...
۽ پوءِ
پيو سڀ ڪجهہ !

رِشي-مُني، هماليہ جي غفائن ۾، چانهہ جو ڦرماس ڪٺي وڃي سماڌي لڳائن؛ تہ بہ هنن کي، ايترو سُڪون ڪونہ ملندو هوندو، جيترو مونکي مليو-
جڏهن مُرڪزي ساهتيہ اَڪادميءَ جي سيڪريٽريءَ جو اُتساهت ڪندڙ خط ۽ جڳ-پرسڌ مهاراجا سياجي راءِ يونيورسٽي آف بڙودا جي وائيس-چانسلر جو آجيان ڪندڙ خط ڪٺي، هاهي ڪئمپس جي گهاٽن وڻن وچ ۾، يونيورسٽي گيسٽ هائوس جي گهور ’’ايڪانت-واس‘‘ ۾ چونڊ ڪتابن جي سيرانڊيءَ اڱيان سماڌي لڳائي !
لڳو، اکيون پوٽڻ سان، اسان اُتي آهيون - جتي چاهيوُن !
اِن طرح، هن چنتن-ڪاويہ لکڻ جو هيءُ سلسلو ڪيترائي مهنا هلندو رهيو...
پنهنجو پاڻ سان ملاقات جو ماحول هو چڻ !
۽ پنهنجو پاڻ سان مخاطب ٿيڻ جو بہ.

www.sindhsalamat.com

هيءُ ’’چنتن-ڪاويہ‘‘، مرڪزي ساهتيہ اڪادميءَ جي اِسڪيم- ’’رائيٽر-اِن- ريزيڊنسي‘‘جي سلسلي ۾، ڀرپور ڌيرج سان لکڻ جو موقعو مليو. جو سالن کان سانڍيل سپنو هو.

جن کي موُن دل سان چاهيو آهي، تن مان ڪي هت ’’گيان-سوتر‘‘ Sources of Quest ڀٽيا آهن.

ٻُڌ کي آتم-سات ڪرڻ لاءِ مان 1980 کان ديش-وديش اَڪيلو ڀٽڪيو آهيان. ڪبير کي تہ مون هميشه خاص آتميہ ڀانيو آهي. سارتر جي هوندي، هڪڙِي فرينڊ کي، هڪ سال لاءِ پئرس ۾ رهڻ ويندي، هن جي سار لهڻ جي گذارش ڪئي هئي. ڪرشن منهنجو بہ ٻالپڻ جو ساٿي آهي. هن جي گرل فرينڊ راڌا جيان. البت مونکي مهاڀارت جو ڪرشن پريہ آهي ۽ مهاڀارت ۾ راڌا نہ آهي. جَين تيرٿ پاليتاڻا جي ڀر ۾ ڀاونگر ۾ رهندي ۽ جَين سنستا جي مهلا ڪاليج ۾ لنبي عرصي تائين هندي وشيہ جي ليڪچرار هوندي مهاوير جو پريچيہ ٿيندو رهيو هو. دِگمبر ساڌو بہ ڏٺا جي وقتي عام رستن تي بہ نر-وستر نظر ايندا آهن- هاڻ تہ T.V. تي بہ اچن ٿا !

ويدن مون کي اڳ ئي سنسڪرت نہ ڄاڻڻ جو پڇتاءُ ڪرايو آهي. چار ئي دِهائون ڳولهڻ سان ’چارواڪ‘ بابت جيترو لڀجي سگهيو آهي، مون کي اَچرج ڀريو رهسيہ لڳندو آهي اَڃا ! پر مان هن کي يا (هنن کي) چاهڻ کانسواءِ رهي نہ سگهيو آهيان.

۽ اوشو! ڪهڙي چنتڪ کي دنيا اول هڪاليو نہ آهي؟ اَپواد بہ ڏکيو ملندو. اوشو کي مون ڀاونگر ۾ ٻہ دفعا ويجهو ڏٺو ۽ ٻڌو آهي. تڏهن اَڃان هو ’اوشو‘ نہ ٿيو هو. اَدبي دوست هري ڪرشن لعل ٻجاج کي ان وقت لکيل هن جو هٿ لکيل خط ڏسي مون کي هڪ اِسراري اَنڀو محسوس ٿيو هو-

’اوشو ڪميونہ‘ ۾ وڃڻ کان بہ وڌيڪ رومانٽڪ!

اِنساني-جڳياسا جي هن لنبي ڪويتا ۾، روايتي ڪويتا بجاءِ چند مُڪت ’’نئين-ڪويتا‘‘ طور سڃاتل سرشتو اَپنايل آهي، جو اَصل ۾ وڌيڪ ڏکيو پنڌ آهي. مون ’’ڦل جي اِڇا‘‘ کانسواءِ جي ڪوشش ڪئي آهي. البت اُدم ۾ ڪسر ڪرڻ ڪار نہ آهي- نہ ڪئي آهي !

پر دنيا تہ انجام ڏسندي آهي. اِهو توهان جي ڪومل هٿن ۾ آهي. اَصل ۾ خود ڪويتا هت ڪنهن حد تائين نِمِت آهي جَڻُ! پنهنجائپ سان پڙهڻ سان ڪويتا سني نہ هوندي، تہ بہ سُني لڳندي. ڪويتا نہ هوندي، تہ بہ ڪويتا لڳندي.

ڪويتا جو وٽڻ
توڙي نہ وٽڻ
عارضي دوڪو ٿي سگهي ٿو...

بهتر پاٺڪ ڀلجي ويندا آهن تہ هو ڇا پڙهي رهيا آهن.

ڪويتا پڙهندي، ڪجهہ وري پڙهڻ ضروري لڳي تہ سمجهو تہ ڪويتا ۽ پاٺڪ جي دوستي ٿي رهي آهي.

ڪويتا، نہ لکڻ سوَلي، نہ پڙهڻ. ٻنهي ۾ ڌيرج کپي. حسابي-ڪتابي-سياڻپ ۽ چترائيءَ ڪويتا سان ڪڏهن دوستي ڪانہ ڪئي آهي.

هرجڳياسي من کي پنهنجا ويچار عزيز هوندا آهن. پر آگرهہ نہ! توهان جي سهمتي بہ اَکين تي- اَسهمتي بہ! هونءَ ڪوبہ ڀاوُ يا ويچار پوريءَ طرح شُڌ روپ ۾ اِظهارڻ بہ مشڪل آهي. نہ ئي ڪو ويچار اسان لاءِ آخرين هوندو آهي. ڪڏهن تہ اسان پنهنجو پاڻ سان بہ سهمت ڪانہ ٿي سگهندا آهيون.

اهو ئي تہ آهي ’’من جو سنگهرش‘‘!

www.sindhsalamat.com

اَڪثر حقيقت کي اَنومان پرِياوِت ڪندا ٿا رهن.

مون به هڪ طرح ”صحيح نظر ايندڙ“ Verisimilitude جو سهارو ورتو آهي. انڪري ڪوبه نتيجو نه، اِنساني سوچ ۽ جڳياسا ئي، هن چنتن ڪاويه جو وشيه آهي. چاهيندي به مها-ڪاويه جي Classics جي روايت جي پرڀاوَ کان بچڻ مشڪل محسوس ٿيو آهي.

هڪ طرح هن ڪاويه جو اَصلي نايڪ آهي- ”پاڻڪا!“ منش جي روپ ۾.

وري به هڪ عرض :

هيءُ ڪاويه-پُستڪ آهي.
شاستر يا اِتهاس نه آهي.

اِهو نُڪتو ڪيترين هنڪائن جو سماڏان ٿي سگهي ٿو. پر پنهنجين بي شمار مريادائن کان اِنڪار نه آهي بلڪ سِرُ جُهڪائي قبول آهن !

مرڪزي ساهتيه اَڪادميءَ جو ۽ ان جي سنڌي صلاحڪار بورڊ جي ڪنوينر دوست واسديو موهيءَ جو مان شڪرگذار آهيان، خاص ڪري دستخط سڏاري ڏيڻ ۽ قيمتي سُجهاوَ ڏيڻ لاءِ.

ها-

توهان ڪجهه چوڻ چاهيو ته وڻندو.
ڪجهه به !
اِنساني برادريءَ لاءِ پرڻام.

-نامديو

گيان ليڪن
مهِتائن جي نالي ۾
اَهنڪارن جو پهاڙ !
گيان جي پورڻتا ۾
اگيان جو به اگيات-واس !
پر
منش-نگريءَ ۾
گيان کان سواءِ
گذر ڪٿي !

www.sindhsalamat.com

ويدانت	گيتا	مهاوير	ٻُڌ	چارواڪ	ڪبير	سارتر	اوشو

سرورق-اول

منش- نگري

مان هت نئون آهيان!

هن اجنبي دنيا ۾
پهريون دفعو گهمڻ آيو آهيان!
توهان ڪٿي رهيل آهيو؟
سراءِ ۾ !

مان ٻه.

اَچو ته ڳڏجي اُفق جي چمڪ ڏسُون
-دُور-دُور.

سچ پڇو ته مون کي ته هيءَ دنيا ڪڏهن پنهنجي ٿي ڀاسي
ڪڏهن پرائي!

ڪڏهن ساڀيا !
ڪڏهن سُپنو !
ڪڏهن مٿيا !
ڪڏهن معنيٰ ڀري !

توهان جي نِرڙ تي هيءُ رنگ !
اَڇا ! تلڪ ! ڌرم جي نشاني.
مان تہ...
مان اهو سڀ ڇا ڄاڻان.
مان هت نئون آهيان.
هن اَجنبي دنيا ۾
پهريون دفعو گهمڻ آيو آهيان !
منش- نگري !

○

مٿي! واه !
آسمان جي تارن جي
هيرن مڙهيل چادر !
رات ڀر چمڪي
هيٺ چمڪ هيرن جي!
گُل ۽ ڪنڊا
ڀاڪُر پائي سمهيل !
ڪائنات جوُن جڻ اَکيون ٻوٽيل !
دِهائون سڀ سُنسان
ٻَڏي ڪئي آهہ پاڻ ۾
روشنيءَ اَنڌڪار سان !
سنسار سارو
جڻ شانت ساگر ڪارو !

www.sindhsalamat.com

هلڪو هلڪو چنڊ
راتِ پر ۾ جُوان ٿي ويل !
پريا هوندا توهان بہ
راتِ پر مون جيان
چانڊنيءَ جا ڏُڪ
ٻُڪ پري !
هاڻ
پرياتِ ويلا
وڻن جي ساوِن پنن کي چُھندا
سونهري سج جا پھريان ڪرڻا
ستن گھوڙن تي سوار
جدا-جدا پنک ڦهلائي
چاڻ چمڪيا
روشنيءَ جا ڦوهارا ڪٽي.
چاڻ-
مڏر سر آلا پيو !
ڪوئل سُريلي ڪوُڪ جو
چاڻ-
اَسُرَ جي ٿڌيري هير جون لهروُن
تَنَ سان گڏ
من کي بہ ڪنديون سيتل !
-چاڻ
قدرت جو ڪومل چُھاءُ
ڏيري-ڏيري
راتِ کي ڏانواري
ڏينهن ۾ تبديل ڪندو
-چاڻ

○

توهان تہ گياني-ڌياني !
نديءَ ڪناري صبح سوير
ٿي ويا مشغوُل
جپ-تپ ۽ ڌيان ۾ !
ليڪن مون کي پنهنجي اَگيان سان
ڪانہ ٿي ڪڏهن هڪايت !
چِتَ جي شانتيءَ لاءِ ڪڏهن
ڪانہ ٿي ڪا لڙائي من سان !
توهان جو هيءُ گُنگُنائڻ
دلڪش آ ليڪن
آهن منهنجي سمجھہ کان ٻاهر
منتر هلوڪ مگر !
ڏاڍو آ ڏُکوئيندڙ !
هو گيان سارو مون لاءِ
توهان جو ناتو ٻُگن کان
اسان جو آ ناتو نئون !
ٿئي ڊپ گيان کان-
پر چا ڪجي
چا نہ ڪجي !
مان هت نئون آهيان
هن اَجنبي دنيا ۾
پھريون دفعو گھمڻ آيو آهيان !
منش-نگري !

○

واهہ !
اَچو تہ گڏجي

www.sindhsalamat.com

اُفق جي چمڪ ڏِسُون
ڏِسُون رنگين گُلن جو مُسڪرائڻ
فرش تي حاضر ٿيل
ڪائنات جي ڪرت ڪار ڏسُون !

ڏسون جوش
جوان نديءَ جي وهڪري جو !
نرت ڏِسُون- ناچ ڏسُون

رِم-جهِم رِم-جهِم
نديءَ جي فرش تي ڪرندڙ
بُوند-بُوند بارش جو !

دوُر ! دوُر!
اُفق جي لالاڻ ۾
قدرت جو هرمائيندڙ چهرو ڏسُون
آڪاش چمڻ جي چاهه ۾
اُڀ ۾ ٻولهيون اُڏامندڙ پکين کي
ڌرتيءَ جي سُڳنڌ ماڻڻ وارا
مستيءَ ۾ چوُر پَسون ڏِسُون !
ءَ پَسُون
قدرتي ڪرشمو قدرت جو !

○

واهه توهان جو هَنڪُ نادُ !
گيان جو وقت اَچي ويو هايد.
سچ پڇو تہ
گيانوان ٿيڻ بہ مشڪل-
گيان-مُڪت ٿيڻ بہ مشڪل !

اَگيان منهنجو پهريون ساٿي
گيان کان ويجهو
گيان کان پنهنجو
گيان کان سنهنجو !
اَصل کان
اَصلي دوست اَگيان سان دوستي-
پرهاڻ
اَجنبي دوست گيان سان بہ دوستي !
سچ پڇو تہ
مان تہ پنهنجي اَگيان سان خوش
پنهنجي اگيان سان مون کي
ڪانہ ٿي ڪا هڪايت ڪڏهن !
گيان جي اڳيان اَچڻ سان
اَگيان کي تہ ماٿ وٺي ويئي جڻ !
رهڻ لڳو آ اگيان هاڻ
لڄ کان لڪي-لڪي !
اَگيان آهي آڪاش جيان مُڪت
گيان پر
ڌرتيءَ جيان محدود
اَسيم گيان جون
سيمائون بہ اَسيم
هنڪائن ۾ قيد
جئن
پرٿويءَ جون حدوُن- بي حد !
اَگيان آ هڪايت کان ڇٽل
گيان پر
سنديهہ ۾ سهڪي سدا
ڇا دوستي هاڻ اگيان سان

www.sindhsalamat.com

اڳيان جيان رهندي لڪل؟
گيان جي ته آ دوستي مشڪل !

○

گيان-اڳيان پاڻ ۾
اَصل ڪان ويري !
اَڳيان-
ورڪتي دنيا پر جي !
گيان-
آ سڪتي دنيا پر جي !
مان خوش هوس
پورڻ اڳيان سان
ڪئن رهان خوش
اڌوُري گيان سان !
گيان ته آ
اڌورو به-
اُلجهيل به !
اَگيان آهي   جهرڻو نرمل
گيان ليڪن
مڃتائن جي نالي ۾
اهنڪارن جو پهاڙُ !
گيان جي پورڻتا ۾
اَگيان جو به اَگيات-واس !

پر
منش-نگريءَ ۾
گيان ڪانسواءِ   گذر ڪتي !

گهڻو پوءِ.
لوڪن کي خبر پيئي
ڀارت ورش جي
پنجن ندين واري
ڏاکڻي پنجاب ۾
سنڌو نديءَ جي ڪناري
اَڇي ڏاڙهيءَ وارو
اِهو گوري رنگ جو سُهڻو پڌو ٿي
برهما هو !

www.sindhsalamat.com

گيان-سوُتر
ويدانت

هايد-
پنج-پنج هزار سال اَڳ
ڪيئي پنڊت
عُمر ڀر جي سوچ جا سلا
پوکيندا رهيا...   پوکِيندا رهيا.
برهمانڊ جي ڌرتيءَ تي!
اُنهن ۾
عقُل جي عَرِق جي پاڻيءَ ۾
گِيان جي ڪويتا ساڻ
اَنيو جي عِلم جي ڀاڻِ
وِجهندا رهيا...   وِجهندا رهيا...
سالن جا سال   سالن تائين
اَڳني وايوُءَ سِجَ جي سَهايتا سان
اُهي سلا

وڏي ٿيا وڻ وڏا!

گِيان جي ڦلن سان   ٽِمتارا!
ڄائڻ شروع ڪيو
اُنهن وڻن پوءِ

آهستي-آهستي!

○

ڀَنهنجن وَڻن جي ڇانوَ ۾
اَچي ڏاڙهيءَ وارو
گوري رنگ جو هڪ سُهڻو ڀُڍو

ويني-ويني

ڏاهپ ڀري ڪويتا ۾

گِيان جا سوُتر

ڀُڏي ٻہ رهيو هو
گُنگنائي ٻہ رهيو هوا!

هنن جي ۿِشين جي پوڻن جا پوڻا
ءِ ڏوهتا ٻہ
ڀَنهنَجن پوڪيل ڀَنَن جي

ٺُڙِن ڪي ٽيڪ ڏيئي

روز...   روز...
نوان...   نوان...
سَلوڪ رچيندا رهيا...
رچيندا رهيا...
گهڻو پوءِ
لوڪن کي خبر پيئي
ڀارت-ورش جي
پنَجن نَدين واري
ڏاکڻي ڀَنجابَ واري
سِنڌوُ نَديءَ جي ڪناري
اَچي ڏاڙهيءَ وارو
اُهو گوري رنگ جو سُهڻو ڀُڍو ئي
برهما هوا!

○

www.sindhsalamat.com

ڪلام-اللهہ !
اللهہ-لوڪ !
سالن ڪان   سالن تائين
پنهنجي واتان ڳايل
برِهم-واڪيہ جوُن
بنديون ٿاهي
گيان- وان سنَهِنتائوُن جوڙي
رَچيا
برهمڻ-
آرڻيڪ-
۽ آخر ۾ اُپنيشد
ائين اول رچيو سو رِگويدُ!
دُنيا جي پهرئين ڪويتا
هڪ اِسرارا!
وري!
ڪرم-ڪانڊ وارا مَنتر ملائي
پوءِ رچيو سو يَجُرويدُ!
وري
ڀَڪتي-ڀاوَ جا ڀريا سلوڪ
سو بڻيو سامَويدُ!
ويد-تِرويڻيءَ جو
جَڳ ڪو سنگم
گِيان جي باهہ ۾ تپيل
۽ گيان جي بارش ۾ بڇيل
ڀوُت-پريت جا ڀرم-ڀولا
تنتر-منتر ساڻ ملندا رهيا
مِلندا رهيا

۽ آخر ٿيو سو اٿَرويدُ!
آرين وهاريو جڻ
ڌارين کي ڀر ۾!

○

ويدن ساڻ ائين آيا وري-
هرِ ويد جا اُپ-ويد سُري!
منُش جي صِحت جو اونو-
آير-ويدَ ڪنيو پاڻ تي!
ڌنرُ-ويدَ
راڄ-ڪاروبار سنڀاليو
گندَرِوَ-ويدَ
سَجايو
سنگيت ۽ ڪلا کي!
اِسٿاپتيہ-ويدَ
ڪيو هلپ-وديا جو ورڻن.
هزارين سال هلندا هليا-
پر   -وقت جي پرواهہ ۾!
وقت ايڏي ڀلوان
ڪونہ بَخشي ڪنهن کي!
هزارين سال
وڻندي رهي واڻي ويدن جي
پر وقت اهڙو بہ آيو-
وقت جي لکن لوڏن ۾
لُڏي لڳا لکين سلوڪ!
اکر ويد جو الٿو ٿي
اکر بڻيو ديو جو!

www.sindhsalamat.com

اَڪرُ ويد جو سُلتو ٿي
جَڻُ اَڪرُ بڻيو ’وديا‘ جو!
واڱي ويدانت جي اوس ڇَپِٽ-دَرشَنَ ۾ سمائي!
پر
وقت ايڏو ٻلوان
ڪونہ بخشي ڪنهن کي!

○

وارتائون ويدن جوُن
گِيانَ جا فَصلُ هزارين
ڪو اِسرار ٻُڌيءَ جو!
ڪو چمتڪار چِنتن جو!
سَمايو سڀ هن هماليہ ۾!
پر
وقت ايڏو ٻلوان
ڪونہ بخشي ڪنهن کي!

○

ڪرم ڪانڊ جا ڪنڊا
وڪوڙيندا ويا... وڪوڙيندا ويا...
ويدن جي وِشواس کي!
ڪونہ ڪڇيو ويدن کان بہ
ٻوجهہ اَنتر-وروڌ جو!
مهان ويد بہ هاڻ
گُهرڻ لڳا دُعا
وقت کان
وڏي عمر جي!

پر
وقت ايڏو ٻَلوان
ڪونہ بخشي ڪنهن کي
اَنڌ شرڌا جي سَڀَني پيڻُ
شرڌا جي ٻيڙيءَ ۾ سُوار
وِشواس ويدن جو
نهاريندو رهيو نهاريندو رهيو
وقت جي درياهہ ۾!
پر
وقت ايڏو ٻلوان
ڪونہ بخشي ڪنهن کي!

○

اَرٿُ ويدن جو
اَڄُ بہ سنڪٽ ۾!
اَرٿُ شاسترن جو
اَڄُ بہ سنڪٽ ۾!
ديو ڀاشا ديون جي ڀاشا
ڪونہ بڻي ڪڏهن ليڪن
لوڪن جي ڀاشا!
اَنوُ ماڻَ جي ٻاپي تي بيٺل
پرماڻَ رهيا پَرِوَسِ
وِگيان يُگ جي ٻُڌيءَ جي
اُدارتا جي اڳيان!
ڀلائيءَ جا سنديش سڀ
رهيا شرڌا جي وس ۾!

www.sindhsalamat.com

ڪانءُ سگهيا سَهي سي
سنهي سُئي سنديهہ جي!
ليئا پائيندا رهيا اَچا بہ
وقت جي اکين ۾!
پَر
وقت ايڏو پلوان
ڪونہ بخشي ڪنهن کي!

○

اوس-
مايا جو موهہ
۽ موهہ کان مڪتي
ويدن ڪئي وس ۾
پر اِنساني وشواس
ڪئن ڪجي قابوُ؟
پَڏي رکيائونس پُڏيءَ کي   هَرڏا جي زنجيرن سان
ڏَپَ جي پڃري ۾
لوڀ جي چمڪندڙ ريشم سان
ڪڏهن پاپَ سان
ڪڏهن پُڃ سان
ڪڏهن نَرڪ سان
ڪڏهن سُرگ سان
ڪڏهن پوين جنمن سان
ڪڏهن پنرجنمن سان
ڪرم سان ڪڏهن
ڪڏهن ڦل سان
جيوَ سان ڪڏهن
ڪَڏهن آتما سان !

۽ وري پرماتما سان!
پر ڪونہ وريو
ڪُجھُہ قائمي!
ڏُکيو ٿي ويو منش لاءِ
ها ۾ هاڻ ملائڻ ها!
مُسڪرايو جڏهن منش-
چَپن ۾ چُپ-چاپ !
ائين ٿي-
ويد-شاستر
بِرهَمُ-سوُتر
بڻجي وَيوُن
جڻ پوٿيوُن پنڊتن جوُن !

○

لکہ هاباس لکڻ وارن کي
لوڪ ويچارا نردوش
اَڻڪائي وينا اک
پُراڻ گرنٿن جي پويان-
ڀاڳوت جي ڀَرِ ۾!
گَرِڙُ پراڻ چاهي بڻيو
مِرتيو پُراڻ-
پَدَمُ پُراڻ ڏني مگر
شڪنتلا ڪاليداس کي!
اسان کي بہ مليا اُپنتي
مهاتمِ مهان گيتا جا!
اِسڪنَدَ پُراڻ ڪئي
ڪَٿا ست نارائڻ جي!

www.sindhsalamat.com

پاڳوت ڏِنو لوڪن کي
ڪِرشن لوڪ رنجڪ
۽ ڪرشن کي بہ ڏني
بنَسرِي راڌا-نام جي!
اِئين-
لوڪ-رس جوُن پُراڻ ڪٿائون
ڪافي هُيون   ويدن کي وسارڻ لاءِ!
پَرَ
وقت ايڏو پلوان
ڪونہ بخشي ڪنهن کي!
○
اِنسان جو ڪرم
ويدن جو ڌرم
ڳولهيندو رهيو   هَرِيُگ ۾
اِيشورَ جي مهما جا
روز اَرٿ   نَوان... نوان
اَڃا تائين
اِيشوَر ۽ ڌرم جا ناتا-رهتا
نالا ۽ نِشان
ڪَرم ۽ ويساهَہ
چو نہ ٿيا طيءِ
ڪير سَليندو ڪنهن کي؟
○

هر
اِنسان جي اندر ۾-
جاري آ ڪُرڪيتر ڪو!
۽
جاري آ لڙائي
پنهنجن جي
پنهنجن سان!

www.sindhsalamat.com

گيان-سوُتر
گيتا

گيتا جو گيت
يا ڪو سُرگ جو سنگيِت!

○

آدي پَروَ ڪان
سُرگ-آروهڻ جو
ڪرشمو هڪ انوکو
هزارن سالن جو!
اَرڙهن پَروَ جَڻُ
ڏاڪا هئا سُرگ جا!
۽ وَري ٿيوُن بڻيوُن
ارڙهن وِکوُن سُرگ جي سفر جوُن!
وهنوار ۽ ويچار جي ياترا!
اَرجن وِهاد يوگ ڪان
ياترا سنياس يوگ تائين
گيان جا اَڏياوَ-
سنسار جو سڀ ڪان وڏو ڪاويہ!

○

مَهاڀارت-
مَها ڪاويہ ناهي فقط
اِنساني من جو ساگر آ!

سوچي سگهي جيترو ٿو من
سَمايو سڀ هن ساگر ۾!
سياڻپ جا موتي سوين-
مَنَ-ورتيوُن اَڻ-مَيوُن
ڪٿائوُن اَڻ ڪٿيون- ڪلپنا کان بہ دوُر جوُن!
ساگر ۾ گيانُ-گَنگا-
گيتا جو گيت!
يا ڪو سُرگ جو سنگيت!

○

برهم- وديا بہ هن ۾-
هن ۾ ئي برهم-سوُترا!
ڀڳوان جا ڳايل اُپنيشد بہ
۽ هن ۾ ئي يوگ شاسترا!
سندر ڪلپنا ڪنهن جي!
ويدَن جي ڳانءِ
ڏِئي اُپنيشد جو کير
ڏهي ٿو ڪرشن
جڻ اُپنيشد ارجن لاءِ!
ڪرشن سارٿي اَرجن جو
اَرجن سارٿي
اِنساني ڀاونائن جو!
جَڳت جي جڳياسا جو هيءُ
گيتا جو گيت
يا ڪو سرگ جو سنگيت!

○

www.sindhsalamat.com

هَرِ
اِنسان جي اَندر ۾
جاري آ ڪُرڪيتر ڪوا!
۽
جاري آ لڙائي
پَنهنجِن جي پَنهنجِن سان!
نِشڪام ڪَرم جي يوڳ ڪانسواءِ
اوناسي آتما جي وِهواس بنان
ڪِئن ٿئي ممڪن   جيت من ورتين تي
وراٽ درهن ڪان سواءِ؟
○

اسان لاءِ تہ
وڏو ڀڳوان   ويد وياس!
ڪِرهن کي ڪرهن بڻايو جنهن
ارجن کي ارجن!
سِرهتيءَ کي سُلجهائڻ لاءِ
اِيشور جي سرهتيءَ ۾
''ايشور جي سرهتي``
سَنسار جي سڀ کان سندر ڪلپنا!
ڌرتيءَ جا مُذهب اَڪثر
قبولين اِها ڪلپنا
ڪِرهن جي گيتا جيان!
○

آتما جي هن هاستر سان

ساڪيات پرماڻ جي   وراٽ ساڪياٽڪار سان
اِيشور-ڀاونا جيتيو   اِنسان جو من!
مُنجهيل مَنُ   مُنجهيل ماڻهوءَ جو!
پِتڪڻ ڪان پَڇي-
آيو ڪرهن هرڻ!
اَرجن جيان!

اَوناسي آتما جو وهواس
ٻَڌيو
وِناسي ديهہ جو ڏِلاسو
نئين جنم جا نَوان-وَسترا!
مِرتيو هوڪ   سَهڻ جي
سگهہ ملي!
مرتيو-لوڪ کي!
○

سُرڳ جي ڪامنا
۽ ساڃهہ ملي-
نرڳ کان ڇُٽڻ جي!
پرلوڪ جي فِڪر ۾
پاپَ جي پَرهيز جي!
پُڃ جي پرک جي
۽ پُڃ جي پوک جِي پڻ!
○

لوڪ رکشڪ بار بار
ذِڪرُ ڪيو گيتا ۾

www.sindhsalamat.com

اَهنسا جو بہ
گانڊِيوَ جو بہ!

گانڊِيوَ ڌاري ارجن لاءِ

کَتري جي فرض جو بہ!

ارجن جي بي-وسي-
ڀُڏ نہ ڪرڻ جي بہ!
ڀُڏ ڪرڻ جي بہ!

○

اِنسان تہ هونءَ بہ ويچارو
حالتن جي داس!
مرضي نَرَ-ناريءَ جي!
ڪهڙي چونڊ بچي اِنسان لاءِ؟
نہ جنم جي   نہ جيئڻ جي بچي!
مرڻ جي بہ ڪٿي آ   نِيمِت بڻجڻ ڪان سواءِ؟

○

چوُنڊ تہ ڪرشن جي!
ديوتائن ۾ اِندر
دئيتن ۾ پهلاج
مُندن ۾ بسنت
ندين ۾ گنگا!

چونڊ تہ ڪرشن جي!
پانڊوَن ۾ اَرجن
اِندرين ۾ مَنُ
نکشترن ۾ چَندُ

پراڻين ۾ چيتنا
واڻيءَ ۾ اوم!

چونڊ تہ ڪرشن جي!

ڪهڙي چونڊ بچي آ   اِنسان لاءِ؟

منَش جي تہ هڪڙي ئي منشا!
فقط موکش جي!
جَنُ- مَها-مِرتيو جي!
ڪونہ چاڻي-
پيو موکش-دُوار
منش-ماتر
ڪرشن-شرڻ ڪان سواءِ!
بس اِهوهڪ ئي هاستر
آيو هن جي سمجهہ ۾!

○

وڏي نمرتا سان بار-بار
پُڇيا اَوس اَرجن
گيان جا رهسيہ!
ڀڳوان ڪرشن ڪان.

پر
اِهو ڪونہ پڇيو
جو ٿو ڀوڳي-
ڪو اَڻ-چاڻ
ڪرمن جو ڏنڊ

www.sindhsalamat.com

مَنَڊُ-ٻُڌي مَنَش
يا اَڀوڏُ اِنسان!

ٻار-
ءِ
ٻڍو !
سادي سمجهہ وارو-   عام آدمي!
ڇا ڄاڻي-   ويچارو
ڌيان مارڳ
گيام مارڳ   يا ڪرم مارڳ!
ڇا ڄاڻي   ويچارو
سَتو گڻ   يا رَجو گڻُ
ءِ
تَمو گڻ جا   گڻُ-دوش!
يگيہ ڪَرم ٻہ
ھن جي ڦَھُڇ کان ٻري!
اَرجن اِھو ٻہ ڪونہ ٻُڇيو!
ڪَتريءَ جا فرض
ڇو آھن ڪتريءَ جا!
يا
ڇو آھن فرض؟
نہ ڪَتري ٿيڻُ   ھن جي وس
نہ وري
ڪَتري نہ ٿيڻ   ھن جي وس

ارجن اِھو ٻہ ڪونہ پڇيو
راجائي اَڀلاکا وارا يگيہ
ڇو ٿا ڪهرن
پرجا کان آھوتي
ھنن جي ٻُچن جي!
لوڪن جي حيثيت ئي ڪيتري!
ديو ڀاشائي
آديش ٻہ اُوھان جا!
رچيو ٻہ پاڻ!
سمجهو ٻہ پاڻ!
حالتن جي ڪٺ پتلي   اِنسان
ڏورِ ھِن جي   ھردم
مَداري مُراريءَ جي ھٿ ۾!

سوچ ڪٿي آ
مانسڪ گهيري کان ٻاھر جي
ھِر ھَرڏالوءَ من جي   وَس ۾!
رھڻو ھن کي
آسڪتيءَ کان مُڪت!
سُک ۾ سُکي ٿيڻ
ڏُک ۾ ڏکي ٿيڻ
ٻرم ٻئي ٻل   آسڪتيءَ جا!
گيتا جو گيان يوڳ   ڪٿن سمجهن سڀ
اڪيون ٻوٽي اندر جوُن

www.sindhsalamat.com

ٽيوُن نِرليپُ
چاهي کهڙي بہ اِستٿي   کهڙو بہ سنجوڳ!
گيتا جو گيت
يا ڪو سُرڳ جو سنگيت!

○

گيانيشور جي گيانيشوري
يا
گانڌيءَ جو اَناسڪتي يوگ
جَڻُ
بادرايڻ جا   برهم سوُترا!
گيتا جي ست سوَ سلوڪن جا
سمورا سنڪلپ سڏ ٿيا!
ارجن جي موهہ ڀنگ ۾!

ڪرشن سارٿي ارجن جو
ارجن اِنساني ڀاوناڱن جو !
جڳت جي جڳياسا جو هيءُ
گيتا جو گيت
يا ڪو سُرڳ جو سنگيت!
○

گيان-سوُتر

مهاوير

وَرڌمانُ مَهاويرا!
جَڻِئُن-ڌرم جو آخرين تير ٿنڪرا!
راجڪمارُ راجا سِڌارٿ جَو
راڻي تِرشلا جو!
تياڳ ۾ بہ اڳرو!
تپِسيا ۾ بہ اَڳرو!
نہ ديهہ ڪي پنهنجو سمجهو هن
نہ جڳت ڪي!
○
ديهہ تہ هونءَ بہ
ڀاڙي جو مَڪانُ
دِنيا نالي جي سَراءِ ۾!
چَون ٿا چوڻ خاطر
مَهاوير بہ ماڻي جواني نالي ماتر
پَنهنجو وواهہ بہ رَچايو هِن
۽ پڻ ڪَنيَا جو ڪَنيادانُ!
داستانُ هيءُ هِويتامبرن جو مگر
ڪونہ قبوليو دِگمبرن دِل سان
دِگمبرن جي دل پڌايو
نَہ ديهہ ڪي پنهنجو سَمجهو هِنَ
نَہ جڳت ڪي!
○
جَڻِئُن ڌرم جو- ”ج“
جَڻُ اَهنسا جو- ”ا“
خوُد ڪي ميسارڻ ۾ مَگر
کهڙي- ”آتم-هنسا!“
کَهڙو اِچا مرتيو بهتر

www.sindhsalamat.com

’’اَن-ھن‘‘ جي ورت ڪان؟
راجا-راڻيءَ ائين-
مھاوير بہ ڇڏي ڏني
مايا دَنيا داريءَ جي!
سنسار سمورو ھونءَ بہ
ڏُکن جو درياھہ
ڏُکن کي ئي ھن
پنھنجو بڻايو دل سان!
نہ ديھہ کي پنھنجو سمجھو ھن
نہ جڳت کي!

○

ھر حالت ۾
ھر شيءِ جو
ڪير ڪري ٿو تياڳ؟
مھاوير ڪان سواءِ!
آڪرين وستر تائين!
ھن لاءِ تہ بس
ديھہ بہ پَرائي
دنيا بہ پَرائي!
دُنيا پر ڪونہ پرائي
سمجھہ اِھا سُھڻي اَچا!
نہ رھيو ڪو پنھنجو ھن لاءِ!
۽ نہ ڪو پرائو ھن لاءِ
سڀ ڪجھہ تِياڳڻ ۾ وري
اَڏ-وستر جو ڪھڙو موھ؟
ڪافي آ قدرتِي لباس
قادر ڏنو جو قَدر ڪري!
ھميشہ رھيو سو ساڻ!

نہ ديھہ کي پنھنجو سمجھيو ھن،
ھن نہ جَڳت کي!

○

دِگمبر جي ديھہ جا وستر پئي
ھميشہ رھيا ھِن ساڻ
ھڪ دِشا پيو اَمبر
مھاوير جو پنھنجو پاڻ
ڇڻ بڻيو پنھنجو پھراڻ!
نہ ديھہ کي پنھنجو سمجھيو ھن
نہ جڳت کي!

○

مھاوير جي واڻي
سَداچار جي ڪھاڻي
ڪونہ سمجھي ھن ڪڏھن
ضرورت ڪنھن اِيشور جي!
سداچار ڪان سواءِ پَلا
ڪِھڙو بچي ٿو ڌرم اَدا!
مَنش کي مُنجھايو مَتان
ڌِرم کي سَھج بڻايو ھِتان!
دُنيا دنگ رھجي ويئي
اِيشور جي ڪلپنا ڪيڏانھن ويئي!
ڪجھہ بہ نہ گھرجي جنھن کي
ڇو اِيشوار کپي تنھن کي
نہ ديھہ کي پنھنجو سھجھو ھن
نہ جڳت کي!

○

مَھاوير جي مھما
مھما ھر مَنش جي!
سَرَلتا ۽ پويترتا جي!
سنجم ۽ سنتوش جي!
مَھاوير جي مھما
مھما ھر مَنش جي!
سَچُ ۽ تپسيا جي!

www.sindhsalamat.com

برهم چريہ ۽ وِرَڪتيءَ جي!
مَهاوير جي مَهَما
مَهما هَرِ مَنش جي!
ڪِميا جيَ.
نِمرتا جي.
سي سَمايا سيپيئي هن چت ۾!
نہ ديهہ ڪي پنهنجو سمجهو هن
نہ جڳت ڪي!

○

تِپسيا جي ڪَنورتا
ڪانہ ڏِني ڪنهن ايتري!
ڪِروڙ ڪان ڪنارو
ڪنهن نہ ڪيو اڳُ ايترو!
ڪِميا هِن وٽ ايتري-
ساهَن ۾ هَوا جيتري!
ڏيان گِيانُ يوگ هانتي
مارَگ مِڙيئي مِلَن
ڏُک سَهڻ جي واٽَ تي!

○

سُک جا پِتڪوُ او مُسافر
مَنزل تُنهنجي ڪانہ سُڃاتئہَ!
مَهاوير جي مهما
ڪير سمجهندو ڪيتري!
ٻارهن سال تپسيا جا
ٻارهن يگَ ڪئن گذري ويا!
نہَ ديهہ ڪي پنهنجو سمجهو هِنَ
نہَ جڳت ڪي!

○

رنجش وارن ڪان ڪَرڻ پاسو
ناهہ ڪم ڪَمزورن جو!

ڪايا جو ڪَهڙو فڪر
رَهڻو ڪنهن ڪي قائمي؟
پيو ڪهڙو آ وِرتُ
چُپ رهڻ ڪان بَهتر ڀلا؟
ترين تي پوڄَنُ ڀائي
چو نہ آهي ڪافِي
سَنساريءَ جي نيزاريءَ ڪان
بَچڻَ ۾ ڀلائي!
پَنجن وِرتَنِ جو اُهو سار
هَرِمُنِي جي جيِون جو آڌار!
مَهاوير جي چيتنا
هَرِ چِتَ ڪي چِتايو
اِمڪان جَتايو
ٻِئي جي صحيح سُڃڻ جو!
سَروَ جيِوَ سَمانُ
سِڏانت آ سُهڻو آوس
وَرجايو پر وَر-وَر ڪري
وويڪ ڪي هن وَهنوار ۾!

○

چو راڳ ۽ وئراڳ
رهيا وَرهين ڪان ويري!
چو نہ پريم ڪي پوتر بڻايون
سوارٿ ڪان آجو ڪري!
بنا وويڪ تہ پريم پڻ
موهہ جي مايا سمان!
موهہ جي مايا ڪان ڀلا

www.sindhsalamat.com

ڪِئن مُڪت ڪريون پريم ڪي؟

○

ڇو نہ ڪري ٿو ڪِميا
هَرِ جيِوُ
هَرِ جيِوَ ڪي!
ڪنهن جيِوَ سان
ڇو ڪوئي ويرُ آ
ڪنهن جيِوَ ڪي!

○

سونَ چانديءَ جا ڪَئلاش
ڏِيوس پل اَنيڪ
ڪونہ پوءِ بہ لوڀي ڪو
تِر ماتر تِرپت ٿئي!
جيِو ئي بِرهَمُ آ
۽
نِراسِڪتيِ بِرهمُ چريہ!
هِڪَ آسڪتي ئي جيوَ ڪي
پَرَمَ ۾ پُلائي!
ٻين سان لڙائي
کهڙي سورهيا ئي تنهن ۾!
سورهيا ئي تہ سورهيائي
جيِتڻُ پَنهنجو پاڻ ڪي!

○

ڪِروڌُ وِڇائي پريم ٿو،
اَيمان وڇائي ونيہ ڪي

مايا وڇائي ٿي مترتا
لوڀ ٿو سڀ ڪجهہ وڇائي!

○

آلِسيءَ ناهِہ سُک نصيب
نِندِوُن ڪَندڙَ ڪي نہ وِديا
آسَڪتيِ وَئراڳ وِڇائي
هنَسا پَسَمُ ڪري ٿي دَيا!

○

جِنيشور جو گِيانُ
راڳ دَيُّ هنسا جو
راڳَ جو دَيُّ تِياڳَڻُ
واتَ اَهنسا جي ڏسي!

○

مَهاوير جو ڌرم
ڪِن اَڪرن جو مرم
ڪِميا ڪريوم   مِڇامي ڏُڪڙم!
رَس ۽ رُوپ بنا
بِنا سُواس ۽ اُچار
جوڙڻ بنا جُڙي چيتنا
آواز بنا جو اَنومان!
شُڌ- آتما
اِتي-ڪٿي!

○

وَرڌمانُ اَکر اَهنسا جو
اَهنسا ۽ ڪروڻا جو
ڪروڻا ۽ ڪِميا جو

www.sindhsalamat.com

اَڳتي وڌڻ جي آس جو!

○

مَهاوير جو دَرِشَنُ
دَرِشَنُ جَڳُ گِيان جو
گِيان جو چَرِتر جو
چَرِتَر جو ڪِميا جو
ڪِميا بنا
چرتر بنا
ڪِروڙين ديِپڪ اَنڌي اڳيان!

○

اَهنسا ئي سنڪلپ
هَرِ آهرم جو مؤل
هرشاستر جو رَسُ
هَر وِرِتَ جو سارا!

○

مَهاوير جي واٽي
ڪِنارو ڪرم ڪانڊ ڪان
وارَنِ جو تِياڳ پلا
ڪِئَن ٻڻائي هِرَمَڻُ ڪنهن کي!
هِڪ جهڙي وهنوار سان
هِرَمَڻُ ٻڻايون هر ڪنهن کي!
اوم چوڻ سان ئي بَس
ڪونہ ٻڻجي بِرهَمَڻُ ڪوئي
بِرَهَمُ چريہ سان اوسِ
بِرهَمَڻُ ٻڻجي هر ڪوئي!

جَهنگلواسُ سان پلا
ڪيرُ ٻڻجي تو مُني ڪوئي؟
گِيانُ هيئين سان هنڊائي
مُني ٻڻجي هَرِ ڪوئي!
ڦاٽل ڪپڙن سان ڪڏهن
ڪئن ٻڻجي تَپسوي ڪوئي؟
تَپسيا ڏُواران اوس
تَپسوي ٻڻجي هر ڪوئي!

○

جيئن جيئن آڪيو
تئن-تئن گُذاريو
جيون نِرليپ اَهڙو
ڪونہ ڏٺو جَڳَت ڪَڏهن
مَهاوير ڪو اهڙو
نہ ديهہ کي پنهنجو سمجهو هن
نہ جڳت کي!

○

www.sindhsalamat.com

اَتيءَ ڪان سُري-پُري
چونَہ وَٺوُن
واٽ-وِڇِين!
سازُ بہ سلامت!
سُرُ بہ سَلامت!

گيان-سوُتر

ٻُڌ

سدارَٿ سُڄاڻيِ ورٿا
ڏُکن جا اَصليِ چهرا
سُکن جي نقاب ۾!

○

هِماليہ جي چرڻن ۾ هڪ چمڪات ٿيو!
جَڳُ پورڻما جو پرڪاش ٿيو-
گوتم جو آغازُ ٿيو!

○

ماٿا مايا ديوءَ ٿہ-
ديهہ بہ ڇَڏيِ-دُنيا بہ ڇَڏيِ
پَرَ دُنيا لاءِ ڇَڏي ويئي
مايا جو مُڪتي-دوُت!
سدارٿ سُڄاڻي ورٿا
ڏُکن جا اَصلي چهرا
سُکن جي نقاب ۾!

○

هِڪڙو هو راجڪمارُ
نالو هِن جو رامچندر
گهَرُ ڇڏيو هِنَ عارضي
سيِتا کي پَرَ ساڻُ کڻي!
راجڪمارَ گوتم ليڪن
گهرُ ڇڏيو هو قائمي
سيتا بہ ڇڏي پنهنجي-

www.sindhsalamat.com

پنهنجي ممتا بہ ڇڏي!

○

مهان ٿي ويئي رات اها
رات موهہ-پنگ جي مهماجي!
پر ڪونہ سُڃاتو ڪنهن درد اُهو
جو يشوڌرا ۽ راهل ڏنو

○

مَهان رات مِوَنُ رَهي
ڏُکيا ڏينهن ڏسندي رَهي
ڏسندي رَهي ڏُکيا ڏينهن!
ڏسندي-ڏسندي مهنا ٿيا
مهنا ڪيڏا سال بڻيا!
هڪ رات اَچانڪ تِجلو ٿيو!
مَهان صبح کي اُن جنم ڏنو!
گوتم کي تنهن گيان ڏنو
۽ آتم جو پرڪاش ڏنو!
سِڌارٿ سُڃاڻي ورتا
ڏُکن جا اَصلي چهرا
سُکن جي نقاب ۾!

○

ٻُڌ-پرڪاش جا اُهي ڪرڻا
اَڃا بہ پيا چمڪن
اُن پپل جي پنن تي
آڪاش ۾ بُلند ٿيو جو
خاموشيءَ جو پڙاڏو سو

ٻُڌجي آواز اَڃا ٿائين
ٻُڌم-ڌرم-سَنگهامي!

○

تو چيو:
پنهنجي ڀرپور جواني
راجڪمار ڀرپور ماڻي!
مون چيو:
اَڻ جاتل آنند ڇڏڻ سولو
جاتل سُک بہ ڪٽي ٿو ڇڏجي!
تو چيو:
پنهنجي دُک سان- دکي هرکو-
دک کان دوُر ٿيڻ چاهي سڀ کو!
مون چيو:
پنهنجي دُک سان- دُکي هرکو-
پَرَ
پَرَ-دُک سان- جو دُکي ٿئي کو!
تو چيو:
پير-پيغمبر پَنڌِ پيا
پرائي
پنهنجي پيڙا مان!
مون چيو!
سدارٿ پَرَ پَنڌُ پيو:
پرائي
پَرائي پيڙا مان!

○

پَنڌِ پيو سدارٿ

www.sindhsalamat.com

اکين ۾ ڪروڙين جو سَنديش ڪٿي
ڏُکن جا ڏَيک پُڇندو رهيو... پُڇندو رهيو...
پيهي وِيو
پنهنجو پاڻَ ۾!
در-در ڀٽڪي   دُور... دُور...
ڏُکن جا در کَڙڪائي
پَن-پَن کان پڇندو رهيو
پتو هر ڏُک جو!
هوندو ضرور!   ڪوٺَ حِيلو
پيڇو ڪنهنجو!   ڇو تو ڪري ڏُک
پُڇندو رهيو هو
پَنهنجو پاڻ کان!
سُک وساري سالن ٽائين!
ڏُک جو ڪارڻ ڪهڙو آ؟
آخِر
ڏُک جو نِوارڻ ڪهڙو آ؟

○

هڪ گهڙِي اِها بہ آئي
آتم-کوج تي سَجائي
من جي اَندر ۾ آواز آيو
آتما کو پَرَلاءَ ٻُڌايو
ڏُک جو ڪارڻ - لوڀ
لوڀ جو ڪارڻ - موهہ
هر منش وٽ ڪارڻ بہ ساڳيو
هر منش وٽ نِوارڻ بہ ساڳيو!

خاموشي جَڻ ٽي ويئي ڦاٽت
بَنَ-برپَٽ ۾ گهور ايڪانت!
سدارٿ سچاڻي ورتا
ڏُکن جا اَصلي چهرا
سُکن جي نقاب ۾!

○

بس ڳالهہ بہ ايتري!
وِيني رَهي وَٽن مٿان...   ورهين ٽائين!
          ورهين ٽائين!

ساري دُنيا کي سَتايو جنهن
ڏُکن سندو سو درياهہ
سُکن جي ڪامنا-رَهت
هِڪڙي مُٺ ۾ بند!
بَس ڳالهہ بہ ايتري!
پَرَ جَڳَ کي ڪٿن ويساهہ وِهي!
دُنيا ويچاري... ويچار ۾
ڪٿن هوندو ايترو سوَلو
ڏُکن جو دُور ٿيڻ!
ڏُکن کي اَڇڻ ٿي نہ ڏيو!
پر ۾...
بس!
سُکن کي اَڇڻ ٿي نہ ڏيو...
پر ۾...
بس ڳالهہ بہ ايتري!
ڏُک بہ پرم!

www.sindhsalamat.com

شُک بہ پرم!
موهہ جي پُنئين درکان
اَوَلِ لوپ لِيئو پاڻي
سري اَڇي پوءِ شُک
لکي-ڇپي
پوءِ پوين پيرَن سان
پُٺ وٺي ٿو دُک!
بس ڳالهہ بہ ايتري!
پُڙَ
جَڳَت کي ڪئن ويساهہ وهي؟
جَڳَت ٿو پرماڻ گُهري!
ڪونہ ڏسي ڪڏهن ڪارڻُ دنيا
ڏسندي آ بس اَنجامُ دنيا!

○

تو چيو:
دُنيا جي درد جي دَوا بہ هِڪڙي!
دُنيا جي درد جي دُعا بہ هِڪڙي!
مون چيو:
پريم جو پيغام...
آ پُڇ جو پِغام!
تو چيو:
ڏِيان ڏَريوُن! هيءُ لوڪ سَنواريوُن!
ڏِيان ڏَريون! پَرلوڪ سنواريون!
مون چيو:
اَٿيءَ کان سُري-پُري

ڇو نہ وَٺوُن
واٽ وِڇين!
سازَ بہ سَلامت!
سُرُ بہ سلامت!
تو چيو:
وهنوار جا پنڄ هيل ياد ڪرا!
اَٿ درهن بہ!
ڏهہ آديش بہ!
مون چيو:
ڏاهو ٿيءُ!
ڏهہ پُڇ ڪٿُ...
ٿي چِتاوَ نہ وِسارا
ٻُڍاپو روڳُ ۽ موت!
تو چيو:
نَفِرَت مِٽائڻ لاءِ پريم ڪپي!
مون چيو:
دَيا ۽ ڪروڻا بہ...

○

مَن ورتين جي 'مان' کان مُڪتي
مارِڳُ آ موکش جو
'مان' جو پالا پوءِ
کهڙو ڪَمُ بچو...

○

ٻوڙ هئي... اڳ... ٻک ٻوڙ هئي...
پاڄ

www.sindhsalamat.com

اَنڌڪار ڪان اَنڌڪار طرف!
پوءِ...
روشنيءَ جوڊِرِوِرو
پنهنجو پاڻ ڪان پاڻ طرف!

○

ٻُڌ-ٻڌايو
هيئين سان هنڍايو
اِچا مُڪتي... مارڳُ آ هر موکش جو!
چا جو سُک... پوءِ چا جو ڏُک...
سداچار جي اوٽ-موٽ
نہ سنگهرش... نہ سنڪٽ...
ڪانہ پوي ڪا ضرورت پوءِ
ڪنهن ايشور جي ڳولها جي!
مَنَ ٻُڌيءَ جو سنگم
هردي وسي قائمي!
ٻُڌَم...هرڏم...گڇامي!

اُتم سُک تي پلا
چو نہ اڏڪار اِنسان جو!
هن برهسپتيءَ ڪي
اَوس هوندو
لِڪلُ ڪو وردان!
جَڳُت تو سان نفرت ڪندو
پر
هلندو تنهنجي راهہ تي!

www.sindhsalamat.com

گيان-سوُتر

چار واڪ

گوتم ٻڌ جي آس-پاس،
چارواڪن بہ-
مِٽي-واٽيءَ جي پاڻيءَ سان،
ويچارن جا وڻ پوکيا- پنهنجا! پنهنجا!
سُکواد جا سلا ڪٽي!

○

اُتم سُک جي ڪامنا-
چو آهي گناهہ ڀلا!
ساماجڪ هوا سامهوُن جي!
پوءِ بہ-
دنيا هڪ طرف!
چارواڪ ٻئي طرف!
ساهَس هو عجب جو-
ءَ وشواس پنهنجو پاڻ ۾!
ڇڻ ڪو ڏکيو منش هو

يا ڪو جُنوُن پنهنجو پاڻ ۾!
اُتم سُک تي ڀلا-
چو نہ اَڏڪار اِنسان جو!
هِن برهسپتيءَ کي
اَوس هوندو
لِکَڻُ ڪو ورداڻُ!
جَڳتُ توسان نفرت ڪندو
پر-
هلندو تنهنجيءَ راهہ تي!

○

ويدن وروڌي ڪٿا بہ
ويدن جيان پُراڻي
ويدن جي وروڌ ۾
ڪرم ڪانڊن جو ڪچرو ڪڍي
هڪ
ڀِيو ڀرياڻون ڀاڪُر ۾!
ساڳئي سمي جي ساڳي وات
ويدن جو ٽيٽو وروڌ!
چارواڪ ٻُڌ ءَ مهاويرا!
ٽنهي سامهون ٽِڪيو ڪئن،
پوءِ بہ
ايشور-
اِنسان جي آستا ۾!

○

دُنيا سِرُ جُهڪايو-

www.sindhsalamat.com

ٻُڌِ جي ڪروڙين لاءِ!
مهاويري جي اَهنسالاءِ!
چار واڪن ڪونہ قبوليو پر-
پَر لوڪ جو اُڌارا!
من ڪي ماري-
هن لوڪ ۾!
ٻين جنمن جي سُک لاءِ-
هن جنم ۾ ڏُکي ٿيڻ،
کھڙي سياڻپ اُن ۾!

○

ڇاجو سُرڳ!
ڇا جو نرڳ!
ڇا جي آتما-
ڇا جو پَرماتما!
ڏني پرماڻ ڪان گهٽ-
ڪونہ قبول ڪجهہ پيو!

○

هجي نہ آتما اگر
۽ نہ آ پرماتما اگر
پوءِ نئون جنم-
ڪنهن جو ڀلا!
ڪونہ ڏيئي سگهيا سياڻا -
چار واڪن کي،
سياڻپ ڀريو سنئون جواب!

○

نہ ٻڌ جي ڀڳ ڇڏي!

نہ مهاوير جي ڀڳ ڇڏي!
چار واڪ جي ننڊا ۾-
ڪسر ڪنهن ڪانہ ڇڏي!
اَڏياتم ۽ سُڪواد-
آيا آمهون سامهون!
ڪئن ٿئي ڪو ميل مگر-
هڪُ ڌرتي- ٻيو آڪاش ۾!
لوڪ ليڪن چُپ چاپ
چاهڻ لڳا چار واڪ کي!
سُک تي ڀلا
چو نہ اَڌڪار اِنسان جو!
بچيا ڪونہ چارواڪ مگر-
نفرت جي آگ کان!

○

چار واڪ پوءِ بہ کِلندا رهيا-
سياڻن جي سياڻپ تي!
ديهہ ڌاري منش لاءِ-
ديهہ سواءِ سڀ ڪوُڙا!
ديهہ ئي تہ دنيا آهي!
ديهہ سان کهڙي دشمني!
ڪنهن ڏنو آ سَياڻو
نہ ڏسندو ڪو مرڻ پُڇاڻان!
مرڻ سان تہ منش لاءِ
مري سارو جَهان سدا لاءِ !
هڪ اِنسان جو موت

www.sindhsalamat.com

ڪونهي ڳهٽ قيامت ڪان

○

هجي ها- ڪو ايشور اگر
ويچارو ڇا ڪري ها ٻيو مگر!
اَڏياتم ڪورو سُپنو
نراڪار ئي نراڪار!
پوِتِڪ جَڳتُ هن جيِوَ لاءِ-
ساڪيات ۽ ساڪار!

○

پَرَمَ پُلايل پراڻا
عيش ڪريو بس عيش!
اوڏر ٿي تہ اوڏر ٿي
ڏُک ڳيھہ جا پريو دل تي!
اَڃا تہ ڪونہ موٽيو ڪوئي
وَصوُلِڻَ قرض ڏرتيءَ تي!

○

ويچارن ۾ ناستڪ
آچار ۾ آستڪ
سمجھڻ ڏکيو پر سُر
چار واڪن جي سوچ جوا
پرٿوي جل تيج وايو-
ڪونهي ٻيو تت اِنسان!
قدرت ئي آ ڪرشمو-
پورو پنهنجو پاڻ ۾!
ڪام-ئي پرشارٿ هڪڙو
بس-ارٿ رهي ٿو ساٿ ۾!

ڏرم جي ڪا جاءِ ناهہ-
مرڻ ئي موکش اَڪيلو آهہ!

○

جيو جڳت ۽ ايشور-
من مايا ۽ مهيشور-
من ڀهلائڻ لاءِ ڀهترا!
سَزا ڏئي يا دان ڏئي-
راجا کان پوءِ کهڙو ايشورا!
آتما جي اَمرتا-
ناهي ڪجھہ ٻيو مگر
تِرهنا اِنسان جي!
پُنر جنم جي ساٿ جي
اَپلاڪا اِنسان جي!

○

پلو ٿئي چار واڪن جو-
پورڻ ناستڪ پوءِ بہ،
اُتم سُک جي اَپلاڪا رکي!-
پَشچمي دنيا ڪٿان سکي!
زوربا جي زورَ تي!
دنيا جي هيءَ دنيا واري
اَڄ بہ لڪل روپ ۾
چار واڪن پُٺيان ڇري!
اِيشور کان آسٿا وارا
اِيشور کان آجا ٿيا!
سِياٽپ سموري اوتي بہ
چار واڪ پر چُپ رهيا

www.sindhsalamat.com

اُتم سُک جي ڪامنا
چو آهي، گناھ ڀلا!
اُتم سُک تي ڀلا
چو نہ اڏڪار اِنسان جو!

○

اَڏياتم يا سُڪواد ۾-
اَتيءَ ۾ اَنڌڪار!
ميل ٻنهي جو لازمي-
چِٽڱَ ٻاري ڪو تجلو ڪري!

○

پوٿا پاٺ مٽيا جٽيا-
ڪبير ڪي ڪڏھن ڪونہ وٽيا!
مٽيو هڪڙو من جو-
ڪافي هو ڪبير لاءِ!

www.sindhsalamat.com

گيان-سوُتر

ڪَبِير

ڪبير جو اهو ڪمال
چلڪي اَڏائي اکرن ۾
گيان مالا مال!

پنجَ صديون پريرو
نديءَ جي نير وٽ
نيروءَ جو جڻ نورچشم
نيما لڌو هڪ لعل
قاضيءَ ڪوليو قُران
نالو نڪتو ڪبير جو!

نماڻو بہ نهنو بہ!
سخت ۽ ڪنور بہ!
گرهستي ۽ وئراڳي بہ-
هندو بہ مسلمان بہ-
ڪبير جو اهو ڪمال-
چَلڪي اَڏائي اکرن ۾
گيان مالا مال!

○

اکين ڏٺي جو عاشق
پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ!
نرنجن ۽ نشڪام-
چت ۾ رام جو نام!

سچ چوڻ جي سَگهہَ-
ڪبير ۾ ڀرپور!
معاف ڪري نہ پنڊت کي
نہ ئي مُلن کي موُرا!
نہ ڪورو ڪورِي ڪَبيرُ-
نہ صوفي بڻيو سمورو!
اِنسان اَول ۽ آخر-
پنهنجو پاڻ ۾ پورو!
اَٿ ئي پهر الک سان-
اک ملائي اک ۾،
پل-پل پڪاريو رام کي-
سانڍيو هر ساه ۾!
ڪبير جو اهو ڪمال
چلڪي اَڏائي اکرن ۾
گيان مالا مال!

○

سَنهي تَندُ ملائي ناهي
جهيڻي چادر گيان جي!
اَنگ ڍَڪيا اَکرن سان
دين-دنيا جي لڄ رکي!

○

دنيا پڙهي پيئي ڪرم يوگ
ڪرم يوگي ڪبير کي مگر
ڀڳتي يوگ ڀانءِ پيو!

○

ڪويتا ڪونہ ڪبير ڪئي-

www.sindhsalamat.com

وائي هن جي هرڪا مگر،
اَزخود ڪويتا بڻجي پيئي!
ڪبير جو اهو ڪمال
چلڪي اَڍائي اکرن ۾
گيان مالا مال!

○

جيئڻ جي واٽ سڪندا رهيا-
سياڻا سڀ جا سڀ!
ڪبير سکيو اول پر
مرڻ، مرڻ کان اڳ!
پوجا پاٽ مٽيا جٽيا-
ڪبير کي ڪڏهن ڪونه وڻيا!
مٽيو هڪڙو من جو-
ڪافي هو ڪبير لاءِ!
ڪبير پياسو رام جو-
نت نت وينو پيءُ!
نراڪار رام ڪبير جو-
جنهن جو ماءُ نه پيءُ!
ٻاونجاهه رکيائين ٻاهر-
ٻه هن لاءِ ڪوڙا!
ر ۽ م ڪافي هئا-
رام ۽ رحيم لاءِ!

○

ڇَٽ- درشن جي کِٽ-پِٽ
۽ ويد ٻه ويڙهي رکيائين،

جل ۾ وڏائين ڪنڀ-
ڪنڀ ۾ جل وڏائين!
ٻوند آتما-پرماتما سَمنڊُ!
سمنڊ سمايو هِنَ ٻوندُ ۾!
مُڪتي-مُڪتي ڪري مُئا
ڪونه ٿيا سي مُڪت
ڪبيرُ ڪونه مُڪتي گهري
ڪَبيرُ مُڪتيءَ کان مُڪت!
اکر سِڌا سنوا ٿا-
لڳن ٿا ڄڻ ٻاڻ!
لاجواب ڪري ڇڏين پر
تِير هن جي تَرِڪَ جا !
هار ٻه آ من جي
۽ من جي آ جيت!
من وديا جو اَڪابر اَهڙو
اڳ ڪونه لڌو ڪنهن پوٿيءَ ۾!
ڪبير جو اهو ڪمال
چلڪي اڍائي اکر ۾
گيان مالا مال!

○

عِشقَ مَستانو اَللهه جو-
هوشياريءَ کان دوُر!
دنيا ۾ رهي ڪمل جيان
پر دنيا کان دوُر!
اکري گيان کان علحدي-
سادي سهج سڀاجهي-

www.sindhsalamat.com

واٽي ڪبير جي ليڪن
مها ڪاويہ جي مَتِ!
سڀ پوٿي بنارس هن لاءِ
سڀ جل گنگا -جل
من رهي جي نرمل
چيَن رهي ٿو چت ۾!
اَندر جو آواز اهو-
نِرگُڻَ-سَگُڻَ کان دوُر!
ڪبير جو پيغامُ پر-
ناهہ محتاج ڪنهن پنٿ جو!
اَڍائي اکر جو هاستري-
ڪبير پنڊت پريم جو!
سِرُ ڪري صِدِقُ صدقي
هليو هيڪلو پاڻ سان!
پورب ۾ پريو چيو
اولهہ ۾ ڪنهن اللهہ
ڪبير دل ۾ ڏٺو مگر
گڏ ويٺل رام-رحيم کي!
ڪبير ڪونہ قبوليو-
بنارسي دُوار سرگ جو!
سُرگ مگر لهي آيو-
بڻجي گُلن جو هارُ!
○
سڌارڪ هن جي اَندر جو-
ڪبير جي ڪويءَ کي
چو نہ سگهيو هارائي

ڪيرُ ٻُڌائي!
محنتي پيشو ڪبير جو-
چو نہ سگهيو ٿڪائي!
ڪيرُ ٻُڌائي!
جاتي-پاتيءَ جي سياست هن کي-
چو نہ سگهي جُهڪائي!
ڪيرُ ٻُڌائي!
وقت سامهون نَڪرائڻ جي-
طاقت ڪٿان پيو پائي!
ڪيرُ ٻُڌائي
هيِڻ جاتيءَ ۾ رَهِي
ڪئن مُلا براهمڻ سان ٽڪرائي!
ڪير ٻُڌائي!
اکر گنگنائي
ڪئن ڏکيا چند چوائي
ڪير ٻُڌائي؟
هو آخر ڪير ڪبير؟
ڀڳت هو يا سنت هو
هو گياني يا رهبر
يا ڪو خدائي نور هو؟
ڪير ٻڌائي؟
○
ڪبير جو اهو ڪمال
اڍائي اکر ۾ چلڪي
گيان مالا مال!

www.sindhsalamat.com

ڪانر هئي ڪا هستي !
ڪنهن اِيشور جي-
ڪڏهن بہ !
دل سارتر جي پر ڏکي ٿي!
خبر اها ڏڪدائي
ڪاش ڪو افواهہ هجي ها!

گيان-سوُتر
سارتر

آخر هڪ ڏينهن-
سارتر ڪٿي آيو-
خبر اِها ڏڪدائي
اِيشور جي غيرحاضريءَ جي!
دنيا جي چوراهي تي!
هستيواد جي ٽِريءَ تي لڪيل.
ڪانر هئي ڪا هستي!
ڪنهن اِيشور جي-
ڪڏهن بہ!
دل سارتر جي پَرَ ڏکي ٿي!
خبر اِها ڏڪدائي
ڪاش ڪو اُفواهہ هجي ها!

○

ڪِن پڻ پڻ ڪئي-مشڪي،
ڪِنِ آنا ڪاني!
ڪِنِ ڪَنڌُ جُهڪائي قبول ڪيو-
ڪي ڪلندا رهيا- ڪاوڙ مان،
۽ چپ ٿي ويا آهستي-آهستي!
هستيواد جي ٽِريءَ تي لڪيل-

www.sindhsalamat.com

ڪٻر-
ٻاهڻ جي جريت-
ڪانہ ڪئي ڪنهن-
اَڃا تائين!

○

جيان پال سارتر-
آدمي پنهنجي دُنيا جو
اَڃا اڄ صدي اڳ-
هٿ ملايا هن-
توسان-مون سان!
ڪونہ مليا خيال پر
هرڪنهن سان هن جا!
سائمن دي بوئا جيان!
ساٿ نڀايو سائمن-
سدا لاءِ سارتر سان!
ري گهريو لاتما!

○

سارتر سدائين رهيو
سائمن جي ساٿ ۾!
ڇا جي شادي!
يا گهر-ٻار
دنيا داري اَهڙي-
ڪونہ قبولي ڪنهن ڪڏهن!

سارتر جي سنگ ۾
رهيو سائمن جو ساٿ
هن سان حياتيءَ پرا!

○

ناستڪ نئين دنياجو-
خالق جو نہ رهيو
رهيو دوست خلق جو!
اِيشور کان سواءِ!
دُکي هوُ دنيا ۾!
ڪونہ قبوليو هن-
اِيشور جي هستيءَ کي!
پنهنجي هستي مِٽڻ تائين!

○

ناستڪ نئين دنيا جو-
سياڻو ۽ سڀاجهو
گهڻو بار انسان جو
ڏنائين هلڪو ڪري!
بنا-اِيشور جي دنيا ۾-
رهڻو آ اِنسان کي!
سدائين ۽ اَڪيلو
ٻُڌايو سارتر جي سوچ
ٿيندو موت سان آ مڪمل
حساب سمورو اِنسان جو!

www.sindhsalamat.com

ڪوٺ ڪو ڪڇندو ڪڍهن
يا
نہ پوءِ پُڇندو ڪڍهن-
ليکو پاپ-پُڃ جوا!
ڪونهي اِنساني ڪُلهن تي
بارُ ڪنهن ٻئي جنم جوا!

○

ٻڌايو سارتر جي سوچ
اِنسان آهہ آزاد
مڪمل ذميوارا!
هر نيتيءَ لاءِ بہ جڳت ڪي-
ياڙٺو آ صرف پاڻ تي!
نہ اِيشور تي آڌار ڪو
نہ ڌرم جو سهارو آ!
ڌرم دلاسو دل جو-
اِيشور اڳيان-
نصيب جيان!

○

ٻُڌايو سارتر جي سوچ
ناستڪ جي نا اُميدي
ڪونهي اَپراڌ اِنسان جو
هرڏا جي روشني هونءَ بہ
اَنڌڪار جي اُپج آ!

ڪاٺ تي مڪت ڪڍهن!
هنڪائن جي سنديہ ڪان!

○

ٻُڌايو سارتر جي سوچ
ڌارمڪ لوڪ دنيا ۾
ڳڻيون اَڌ ڪان وڌ،
اَڻ ڳڻيا اَپراڌي پر
وينا آهن وڇڙ!

○

ٻُڌايو سارتر جي سوچ
اِنسان اَصل ۾ اَڪيلو
سدا لاءِ- هميشہ لاءِ!
ساٿ سَموارا هن جا
آڪيرا آهن عارضي!

○

ٻُڌايو سارتر جي سوچ
ڪنڌ اِنسان جو انڇو-
ڦيو هستيواد ڪان!
بنا اِيشور جي دنيا ۾-
پاڻ سنڀاليو هن پاڻ سان!
ٻُڌايو سارتر جي سوچ-
منش ڀراڻي نِردوش
نہ جنم جو هن ڪي هوش

www.sindhsalamat.com

نہ جيون هن جي هٿ ۾!
نہ موت هٿيڪو هن لاءِ!
مليا هن کي هٿ ۾
بس حيلا ۽ سنجوڳ!

○

مان پرڳهٽ شرير ۾-
جڳت منهنجي هستيءَ ۾-
ايشور جڳت جي هستيءَ ۾-
محسوس ٿيو آ صدين کان!

○

ناهہ جيون پيو ڪجهہ
هڪ ملن ڪانسواءِ؟
وجود تنهنجو-منهنجو
آهي سلامت اوستائين-
محسوُس سلامت جيستائين!
هلڪي آ هٿ ڪا درد جي-
يا سگهہ سهڻ ۽ سوچڻ جي!

○

بس نيتي ئي خود ۾ هڪ آهہ
بنيادي فطرت اِنسان جي!
هستي ڪا اِيشور جي
ڪانهي ڪارگر تنهن ۾ !
وڪڻي آزادي انسان
خريدي سلامتي اِيشور کان

ڪانہ آئي ڪم ڪڏهن!
اِنسان آ اَڏورو-
بنيادي آزاديءَ بنان
اگر مارڪس بہ ملي وڃي
ڪونہ پوندو پورو!

○

سارتر جي سوچ تي
سوچڻ وارا سوچيندا رهيا
نيٺ مڃائون مهما
سارتر جي سَچ جي!

○

ايشور جي ڪلپنا
يڳن جو سهارو
ڪلپنا نيٺ بہ ڪلپنا-
سا پيا سا ڪانہ بڻي

○

ڪير بچائي- ايشور کي!
خود ايشور کان سواءِ-
ٿين جڏهن اَعلان-
اِهور جي موت جا!
ايشور انسان جي چٽ ۾-
ويٺو رهيو ڪنڌ وٽي!
نہ پاهر آيو- جڙ مان!

www.sindhsalamat.com

نہ چيتن ۾- چُريو ڪڏهن!
نہ گم ٿيو- پوريءَ طرح!
نہ پرگهٽ ٿيو- پرڪاش ۾!

○

آخر هڪ ڏينهن،
سارتر ڪٽي آيو-
خبر اِها دکدائي
اِهور جي غيرحاضريءَ جي!
دنيا جو چوراهي تي!
هستيواد جي ٽِريءَ تي لڪيل!
ڪانہ هئي ڪا هستي-
ڪنهن اِيشور جي-
دل سارتر جي پر دُکي ٿي!
خبر اِها دکدائي
ڪاش ڪو اُفواهہ هجي ها!

○

هونءَ بہ -
ڪؤڙا اکر چوڻ وارن کي،
چُپ ڪرائڻ جو
۽
اَهميت قبولڻ ۾
صَديوُن لڳائڻ جو رواج
دنيا ۾
قائم رکيو آهي اسان
اجا تائين !

www.sindhsalamat.com

گيان-سُوٽر
اوشو

نَہ اَوَتار نہ پيغَمبر
نہ مَسيحا نہ تيرٿنڪر
اَڪين ڏٺو اِنسان اوهو
ڏنَدِ ڪَٿا هِڪڙي جَڻُ
ڏاهِن ڏني ڪَلجُڳ ۾ !

○

نہ جنميو هو ڪڏهن هوُ
نہ هو موت هنجو ٿيو
ڌرتيءَ تي اوهو جڻ
هو ملاقات لاءِ آيو !

○

آچاريہ رَجنيش ڀڳوانُ اوهو
سَچ کي سَچُ چَوندو رَهيو
ڪِنِ ٻَلڪن تي وِهاريو هنکي
ڪن جي اکين ۾ ٻَرَ ڪُٽڪيو !

○

لَکُ ڪتابن جو سارُ هِن
سَمايو پنهنجي سوچ ۾
واڻيءَ جا جَڻُ بادل برسيا
سوچ جو ڪو ساوڻ آيو !

○

سِڌا رَستا سوچَ جا
ڪونہ قبوليا هن ڪڏهن !
مارگ ڏُکيا ۽ اَڻاوا پر
ڪونہ قبوليا ڪنهن ڪڏهن !

○

سياڻا سڀ چَئن اَواڪ
همت قبولڻ جي ڪانہ ڪئي
نا قبولڻ بہ مشڪل ڏسي
دُنيا اچرج ڏسندي رهي!

○

اَکبارن جوُن خبرون ڍير
لوڪ نندا جي روپ ۾
جهول ۾ هوُ رکندو رهيو
پڻ چپن ۾ مُرڪندو رهيو

○

هونءَ بہ
ڪوَڙا اکر چوڻ وارن کي
چُپ ڪرائڻ جو

۽

اَهميت قبولڻ ۾
صَدِيوُن لڳائڻ جو رواجُ
دُنيا ۾
قائم رکيو آهي اَسان
اَچا تائين !

○

www.sindhsalamat.com

نہ اَوتار هو نہ پيغمبر
نہ مَسيحا نہ تير ٿنڪر
اَڪين ڏٺو اِنسان اوهو
ڏنَدِ ڪَٽا هِڪڙي جَڻُ
ڏاهِن ڏني ڪَلجڳ ۾ !

○

ڇو نہ ممڪن آ سنگم
آنند جو
سُڪواد جو !
ٻُڌَ ۽ زوربا جو !
ڇو نہ ممڪن آ ملن
نئون هيءُ پيچرو پل
ضروري سمجهو هن، جَهان ۾ !
اوهو ڏيڪاريو سُپنو اهو
اَسان کي ڪُليل اکين سان !

○

اَصلي ڌارمڪتا جي صَدقي
نقليءَ ڪان مُڪتي گهُري
ايشوَر ڪان جي ڪنارو ڪيو
نئين ڳالهہ تہ ڪانہ هئي
ٻُڌَ کي - مهاوير کي تہ
صديون بہ گذري وَيوُن !

○

نہ لهجو سَنهنجو هنجو
نہ سمجهڻ سوَلو هنکي
ڪئن قبولي دُنيا ڀلا !

۽ ڪئن وري سا اِنڪاري !

○

سنسڪارن جي جَڙتا اوس
پنهنجو ڪم ڪندي رهِي
اوهو جي اڳيان-پُٺيان
ديَواروُن اُها چُڻدي رهي !

○

پرمپرا جو ماڻُ ڀنگُ
ڪئن ٻُڌي دُنيا سَهي
جَوان سوچ جي اڳيان
ڏاڏو آدم ڪئن جُهڪي !

○

مَخملي ٽوپيءَ ۾ ڍَڪيلُ
خزانو نئين سوچ جو
چِقمَقي ڇهري سان
ريشمي ڪپہ ۾ ويڙهيل واٽي
۽ مُسڪرائيندڙ طَنز
پار هلندي وئي
عام-فهم عوام اڳيان !

○

ذَهِين لوڪن کي جهومايو هن
اوهو جو اِهو ئي ڪرشمو
جنهن اوهو کي اوهو بڻايو !
جڳ کي ڪٽيو ٿي ڪڏهن
۽ ڪڏهن جڳ ڪان هارايو !

○

www.sindhsalamat.com

اِنساني سُڀاوَ جي مريادا جي
ڪٿي آهه ڪا مريادا
سَچ کي نہ مِنو ٻڌائن جي
ڪڏهن چڙيو تن کي اسان
○
سَچ کي سينگارڻ سان
سَچُ ڪونہ رهي ٿو سَچُ
سَچ کي مِنو ٻڌائڻ سان
ڪونہ بچي ٿو سَچُ
سَچ کي مِنو ٻڌائڻ ڪڏهن
ڪونہ سمجهيو هن ضروري
پاڻ کي دُنيا ۾ بچائڻ
ڪونہ سمجهيو هن ضروري !
○
نئين يُگ جي سوُليءَ جا
نوان نُسخا اِيجاد ڪيا
لِڪائي تہ ڪونہ سگهياسين پر
اَسان سُقراط سَڀئي صاف ڪيا!
○
نہ اوتار هو نہ پَيغمبرُ
نہ مسيحا نہ تيرٿنڪَرُ
اکين ڏٺو اِنسان اوهو
ڏنڱ کَٽا هِڪڙي جڻ
ڏاهن ڏني ڪَلجُڳ ۾!
○

سَچُ پُڇو تہ
هن سنسار ۾
اَڃا تائين
اَصلي ڌرم نهيو ئي ڪونهي
جنهن کي
اِيشور جي ڏَيَ جي ڍال نہ کپي
ءِ نہ کپن جنهن کي
سُرڳ-جا ڀرم
يا نرڳ جي تلوارا!
منش جي مَنَ کي مارڻ لاءِ!
○
سَچُ پڇو تہ
سَڀُ وِهواس اَنڌا-
ٻُڌيءَ جا دُهمن آهن!
ڌارمڪ اِنسان لاءِ ڀلا
کهڙي ضرورت اِيشوَر جي!
○
سَچُ پُڇو تہ
اِنسان جي هستيِ
آهي چو نہ خود ۾
پرماتما
پنهنجو پاڻ ۾!
○
سَچُ پُڇو تہ
تِڪا ويڻ بہ

www.sindhsalamat.com

ڪَٽُ ڪاڏل سوچ کي
ڪونہ سگهيا لوڏائي
وويڪ جي پرک سان
اَپنائڻ اُنهن کي
ڪونہ سياڻن بہ
سوَلو سمجهو!

○

سَچُ پُڇو تہ
ڇو آهي ضرورت
منش کي ڪنهن ڌرم جي
سداچار ڪانسواءِ!

○

نہ اَوَتار هو نہ پيغَمبر
نہ مَسيحا نہ تيِرٿنڪر
اڪن ڏنو اِنسان اوهو
ڏند ڪٿا هڪڙي ڇڻ
ڏاهن ڏني ڪَلجڳُ ۾!

○

سَچُ پُڇو تہ
توکان اڳ
سڀ نيڪ ناڪ هوا!
تنهنجي هئڻ سان بہ
ڪٿي آ فرق ڪو!
تون بہ رهندين جڏهن
ڪونہ ڪو فرق پوندو!

ضروري بڻجڻ
تنهنجي آ ضرورت
تنهنجو وجود پر
اُبتڙ ٿو اَحساس ڏئي!
هايد ڪنهن کي
خبر ئي ڪانهي
تون آهين
يا هٽين ڪڏهن بہ!

○

سَچُ پڇو تہ
ڇا صحيح ڇا غلط
طيءِ ڪندا ٿا رهن
سَماج
بي-سَمجهہ!
وقت-وقت تي!
اَسان جي ڇاڻ بنان!
صحيح ۽ غلط
جڳهہ بدلائيندا پنهنجو پاڻ ۾
ٿڪجي پيا آهن ويچارا!
اسين بہ قربان ٿا ڪريون
پنهنجي سمجهہ
وقت اڳيان!

○

سَچُ پُڇو تہ
ڌرم جي نالي ۾

www.sindhsalamat.com

پنت
پوٿيون پنهنجون اُٿلائيندا رهيا
دُڪان هلائڻ خاطر
چوڪيداري سونپي جنهن کي
اِيشور ٻڌجي ويو هڪ ڏينهن!
ساڪار ڪڏهن
ڪڏهن نراڪار
هٿيار هٿ ۾ ڪٽي
نڪري پيو نروار!
هن جو هڪڙو ئي ڪم!
منش جي من ۾
جِياري رکڻو ڏپ کي
منش جي مرڻ تائين!

○

هن چا هيو هو-
ديهہ کي بہ آدر ملي
آتما جيترو!
ديهہ کان دوُر ڀڄڻ وارا
ڪئن ڪندا سنگم
ديهہ ۽ آتما جو!

○

هن چاهيو هو
ديهہ ۽ آتما وچ ۾
مَذهبي ديوار کي
دوُر ڪريون-
هن ئي دُنيا ۾!

ضروري هئا سوراخ
پُراڻي سمجهہ کي ٽوڙڻ لاءِ
طنز ۽ مذاق جا!

○

هن چاهيو هو-
ديهہ سان ڇو دُشمني ڪجي
۽ آتما سان دوستي اَڪيلي
ديهہ ۽ آتما جو ملن
ملن پورب ۽ پشچم جو!
نہ سُک جو اَنادر-
نہ آنند جو نرادر!
دنيا ۾ مهانگو سودو سوَچ جو
مفت مليو اوشو وٽان!
ٽامي جي ٽُڪرن جي ٽڪر ۾ پر
ڏُکي ٿي وئي-
سُڃاڻپ سون جِي!

○

جيستائين غلطيون دُهرايون
۽ پوءِ سُڌاريون
ڪونہ ترسيا ڏچڻا
اوشو ڏارا روڪڻ وارا...
ڇو ويهن ملڪن ٽالا لڳايا
پنهنجن-پنهنجن ديشن کي
اوشو هو
يا ڪو جوالا مُکي ويچارن جو!

www.sindhsalamat.com

اوهو جوُن غلطيون ڳڻڻ وارا
ڪونہ هئا غلط
دُنيا جي روايت ۾!
ويدن کي ديو-واڻي
چوڻ وارا بہ اسين
اِنڪار ڪرڻ وارا بہ اَسين!
ڪئن ڪير ڪنهن کي ڏئي
کهڙي-کهڙي هاڻ مَيارا!
ڪُهتو ڏيڻ چاهيو جنِ
اوهو جي آواز کي
زهريلن زنجيرن سان
پنهنجا دُڪان
آباد رکڻ لاءِ
اُنهن کي بہ اوس
هنن جو اِيشور معاف ڪندو
جڏهن چاهُندا هو
تہ اَڻ چاڻ هئا!

مِرتيوُ اُتسوَ ۾
نچڻ بہ لڳاسين
روئڻ بہ لڳاسين!
هو موَنُ هو
البت
مُسڪراهٽ هن جي
لهي آئي اسان جي اکين ۾!

ڏيندا رهنداسين اسين
مُسڪراهٽ اِها
هڪ-ٻئي کي
صدين تائين!
هلندي رهندي صدين تائين
اوهو ڌارا
ان مسڪراهٽ ۾!
هونءَ بہ
ڪوَڙا اکر چوڻ وارن کي
چُپ ڪرائڻ جو
ء
اهميت قبولڻ ۾ صدي لڳائڻ جو رواج
دُنيا ۾
قائم رکيو آهي اسان
اڃا تائين.

www.sindhsalamat.com

ديھہ ۾ آتما
ڄڻ آهي اَصل ۾ هڪ
دِيوارُون پر انيڪ
ديس ۾ ڌرم جوُن!

سرورق آخر
اُفق

ڌرتي ۽ آڪاش
آهن اِنسان جي اک ۾
پوَتڪ سُک
سَڏُ ڌرتيءَ جو سمجهوُن
۽ آنند اَڌياتم
جو
پانيوُن پڙاڏو آڪاش ۾!
ڪانهي ميل ٻِنهي جو مُشڪل
اَکين ڏسجي ٿو اُفق ۾!

○

ديھہ ۾ آتما
ڄڻ آهه اَصل ۾ هڪ
دِيوارُون پر اَنيڪ
ديس ۾ ڌرم جوُن!

○

اِنساني فطرت اَصل ۾
نيتي ۽ وويڪ
ڪنڊا ۽ ڇَهبوُڪ

www.sindhsalamat.com

پوءِ کھڙي ڪم جا!

○

نہ ڪو هاسترڪپي
نہ ڪپي هاستري ڪو
پنهنجو پاڻ سان ايمان
ڪافي آ اِنسان لاءِ!

○

اِنسان سڀ پاڻ ۾
ساڳي ٻيڙيءَ جا سوار
واٽ ساڳي منزل ساڳي
لَهون سار-سنڀال جي
سفر سٺائو ٿي وڃي!

○

واٽي ويس وڳا انيڪ
انيڪ ڌرم ۽ ديس
اَصلي پوشاڪ پر هِڪڙي
هڪڙو اگم ديس!

○

دنيا جا دستور ڏِسن
روحاني واٽ اِهائي
پنڌ پر پنهنجا-پنهنجا
منزل ۾ ڪانہ ٻيائي!

○

هيڪر نِهار اُفق ڏي
ڌرتي ملي آڪاش سان
وري جو نِهار اک کڻي
آڪاش ملي ٿو ڌرتيءَ سان!
ڪانهي جدا ئي تِنِ ۾
۽ نہ تو ۾ آ نہ مون ۾
منش نگريءَ جا ماڻهو مِڙيئي
سُسيل ڏِلِ وڏي ڪريون جي
مِٿيا جَڳُت بہِ مِنو لڳي!

www.sindhsalamat.com

NAME	PROF. NAMDEV TARACHANDANI
DATE & PLACE OF BIRTH	25.11.1946 (At Lukman Khairpur Sindh,Now Pakistan)
PROFESSION	EX.H.O.D. HINDI DEPTT. KAPADIA MAHILA COLLEGE, BHAVNAGAR.
RESI.ADDRESS	50, NARAYAN GARDENS, OFF GOTRI ROAD (OPP. YASH COMPLEX) VADODARA. 390021. MOBILE : 09918508942
OFFICE ADDRESS	DOTS AND COMS, 201 Senate Square, Tower B, Nr. Yash Complex, Gotri, Vadodara. 390021 Ph:+91 265 6458938/ 2342255
EMAIL	namdev@dotscoms.com namdevtarachandani@gmail.com
BOOKS	: JODA KATA : Novel . Sindhi . by Koonj Publication, Mumbai : VIKHOON : Short Stories by Sindhi Times Publicatio Ulhasnagar : ATHON SUR : Poetry. By Deep Shikha publication. mumbai (Edited Shyam Jaisinghani.) : ABOVE THREE BOOKS ARE PUBLISHED IN GUJARATI ALSO. : SINDHI KATHA SAHITYA : Collection in Criticism. by Indian Institute of Sindhology, Adipur : AAS PAS KHAN AAR PAR TARAF a book of Long Interview with Prof Harish Vaswani. : Sach Chawan Ji Chhoot" Collection of 'Rachna' Magazine Review column
EDITED BOOKS	: Chaliha Chorasi. Criticism of Prof. Harish Vaswani. (Awarded by Sahitya Akademi New Delhi) Lal Pushp Hiku Abhyas. Criticism on Lal Pushp.
AWARDS	: H. R. D. Central Govt., New DElhi For Gujarati novel VATTA OCHHA. : C. H. D. Central Govt., New DElhi For Poetry collection ATHON SUR. : Spl.Literature conribution award Rs.25000/-and Mimento by Akhil Bharat Sahit Sabha : Gaurav Puraskar. A Trophy and Rs 1 Lakh.by Sindhi Sahitya Academy.Gujarat. (09/07/2011)
TEXT BOOK	: ATHON SUR was a text Book for M. A. Sindhi. At Gujarat University.
ASSOCIATED WITH ORGANISATION (TIME TO TIME):	: Board of Studies, Bhavnagar University & Gujarat University : Board of Cultural Activities, Bhavnagar University. : Exe.member Gujarat Sahitya Akademi : Member of Advisory Board for Sindhi, Sahitya Akademi,New Delhi. : Member of Advisory Board for Sindhi, Bharatiya Jinan Peth, New Delhi.
RADIO AND DOORDARSHAN	Regular contribution on AIR since 1972 and several times at Door Darshan.
CONTRIBUTIONS IN NATIONAL ANTHOLOGIES	For Short Stories, Poems, criticism by Sahitya Akademi, New Delhi, Bharatiya Jinan Peth etc. Participation in National Seminars Since 30 years.
DRAMA	Many One act plays Staged, Directed ,Broadcasted, Published in Sindhi and Gujarati.
OTHER PUBLICATION	Regular contribution in all major Sindhi magazines . List of Over 100 Published criticisms is given in book SINDHI KATHA SAHITYA.
TRANSLATIONS	Many translation works published in Hindi and Gujarati
JOURNEY	Journey to many BUDHA places in India , Thailand, Singapore Nepal and also Dubai.
WEBSITE	www.tarachandani.com/namdev

www.sindhsalamat.com